ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي

ڪڇ ۽ لاڙ جا علمي تعلقات

(عبدالرحمان ڪاٺياڻيءَ ۽ مخدوم عبدالله نرئي، جي ڪتابن جو جائزو)

ڪڇ، سنڌ جي ڏکڻ ۾ سنڌ سان دنگئي ملڪ آهي. ڪڇ جي رڻ جي ڪري، سنڌ کان جدا ٿيو بيٺو آهي. پر اصل ۾ سنڌ جوئي حصو آهي. ڪڇي ٻولي به سنڌي ٻولي ئي آهي؛ ۽ ان جو هڪ محاورو سمجهڻ گهرجي. سنڌ خاص طرح سان لاڙ سان ڪڇ جا قديم زماني کان تاريخي، علمي، سياسي ۽ ثقافتي تعلقات رهيا آهن. سنڌ جا عالم ۽ شاعر ڪڇ ڏانهن ويندا رهيا آهن، ۽ ڪڇ جا عالم، شاعر ۽ طالب العلم هت ايندا رهيا آهن.

سومرن جي دور جي شاعرن: پاڳو ڀان ۽ سمگهه چارڻ جو لاڙ توڙي سنڌ سان گهڻو تعلق رهيو آهي. دودي سومري ۽ علاؤ الدين جي لشڪر جي وچ ۾ جيڪا جنگ لڳي هئي، ان دوران پاڳو ڀان سنه 700هه (1300ع) ۾ سنڌ مان سومريون وٺي ڪڇ ويو هو. پوءِ اتي ئي رهي پيو. وفات به اتي ئي ڪيائين. سندس اولاد ڀاڻ کي "ڀان" بدران "پاڳ" سڏايو. پاڳو ڀان کي ته سومرن وٽ وڏي عزت هئي؛ پر "پاڳو" جي اولاد جي به سومرا عزت ڪندا رهيا آهن؛ جن ڀاڻ کي "ڀان" بدران "پاڳ" سڏايو. پاڳو ڀان اندازاً 1310ع ڌاري وفات ڪئي (1).

"سمگهه" چارڻ ڪڇ جي ڪيراڪوٽ جو رهاڪو هو. انهيءَ علائقي جي حد جيئن ته لاڙ جي برگهٽي ڪڪرالي سان لڳندي هئي، انهيءَ ڪري ڪڪرالي ايندو ويندو هو. ڪيراڪوٽ مان ڪهي ڏان لاءِ ڪڪرالي جي ڄامن وٽ ويندو هو (2) هارون راجسي پوٽو ڪلهوڙن جي دور ۾ ڪڇ جو شاعر هو. تر - جو شاعر "بلاول" سندس ننڍو معاصر هو، ۽ ان سان دوستانه تعلقات هئس. ٻنهي جي وچ ۾

شاعرانه ڏي وٺ به ٿيندي هئي (3).

شاعرن کان سواءِ عالمن ۽ فاضلن جي اچ وڃ به رهي. سنڌي علم ادب جو باٻو وجهندڙ مخدوم ابوالحسن ٺٽوي به اصل ۾ ڪڇ جو رهاڪو هو. ۽ ذات جو منڌرو هو. ڪڇ مان لڏي اچي ٺٽي ۾ رهيو. هن بزرگ عالم 1700ع ۾ سنڌي زبان ۾ الف اشباع جي سٽا ۾ مڪمل ديني ڪتاب "مقدمہ الصلواة" لکي. سنڌي زبان ۾ مڪمل ديني، علمي ۽ فقهي ڪتابن لکڻ جي شروعات ڪئي. ان کانپوءِ ڪيترن ئي عالمن ۽ فاضلن سنڌي زبان ۾ اهڙي نوعيت جا ڪيترائي ڪتاب لکيا؛ اهڙن ڪتابن جي مصنفن مان مخدوم ضياءُ الدين. مخدوم عبدالله نرئي واري، مخدوم غلام محمد بگائي، عبدالرحمان ڪانڀائي، ميين عيسيٰ ۽ مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي جا نالا قابل ذڪر آهن. اهي ڪتاب سنڌ کان سواءِ ڪڇ جي مدرسن ۽ مڪتبن ۾ به پڙهايا ويندا هئا. ڪڇ جا عالم به انهيءَ ساڳي صورتخطي ۾ ڪتاب لکندا هئا. اهڙن ڪتابن جا ڪجهه ڪاتب به ڪڇ جا رهاڪو هئا. ته ڪجهه ڇپائيندڙ به لاڙ ۽ ڪڇ جا هئا. ڪتاب ڇپيا. به گهڻي طور بمبئيءَ ۾ هئا. حاجي سمون، جيڪو بمبئيءَ ۾ رهندو هو. ۽ سنڌي ڪتابن جي ڪتابت ڪندو هو؛ اصل ۾ ڪڇ جي شهر "پوربندر" جو رهاڪو هو. ڪڇ ۾ جيڪي به ڪتبخانا آهن. انهن ۾ اهڙي قسم جي سنڌي قلمي ڪتابن جو وڏو تعداد موجود آهي. بمبئيءَ ۾ پهريون سنڌي ڇاپخانو قاضي محمد ابراهيم، قاضي نور محمد جو هو. جيڪو پڻ اصل ۾پوربندر (ڪڇ) جو وينل هو. هن ڪيترا ئي سنڌي ڪتاب شايع ڪيا. ان جي اشاعتي سلسلي شروع ڪرڻ کان ويهه سال پوءِ محمد صديق پنهنجو اشاعتي سلسلو شروع ڪيو. جنهن جو نالو "مطبع حسيني" هو (4).

هن مقالي ۾ لاڙ ۽ ڪڇ سان تعلق رکندڙ ٻن عالمن: عبدالرحمان ڪانڀائي ۽ مخدوم عبدالله نرئي واري جو تعارف ۽ سندن ڪتابن جو جائزو پيش ڪجي ٿو:

مخدوم عبدالله نرئي وارو: هڪ روايت موجب ذات جو منڌرو هو. ۽ بدين تعلقي جي ڏاڪٹي حصي جو رهاڪو هو. جنهن کي مانڌر چيو ويندو آهي. برٽن لکيو آهي ته هو ڪڇ جي ڳوٺ نرئي ۾ تولد ٿيو (5). سرائي امداد علي، جنهن ڪڇ

۾ مخدوم صاحب جو ڳوٺ وڃي ڏٺو. پنهنجي سفرنامي ۾ لکيو آهي تہ ڪڇ جي روايتن موجب مخدوم عبدالله مندرو ڪڇ جي تعلقي نرٿي جي ڳوٺ جو رهاڪو هو. ۽ تعليم پرائڻ لاءِ سنڌ ۾ آيو هو (6). وڌيڪ لکيو اٿس، تہ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جو نهايت قابل ۽ هوشيار شاگرد هو. فارغ التحصيل ٿيڻ بعد مخدوم ٺٽوي جي حڪم موجب پنهنجي ڳوٺ اچي درس و تدريس ۽ تبليغ ۽ دين جي اشاعت جو سلسلو جاري ڪيائين. سندس ڳوٺ جو نالو "سُڙيون" آهي، جيڪو "نرٿي" تعلقي ۾ آهي. انهيءَ ڪري نِرٿي وارو مشهور ٿيو. سندس مزار بہ ڳوٺ "سڙيون" ۾ آهي (7). سرائي اميد علي جيڪي روايتون ٻڌايون، انهن موجب مخدوم صاحب مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جي وفات کان پوءِ وفات ڪئي. مخدوم محمد هاشم ٺٽوي سنہ 1174هہ (1761ع) ۾ وفات ڪئي (8). ان جو مطلب ٿيو تہ مخدوم عبدالله ٻارهين صدي جي پوئين ڏهاڪي، يا ٽيرهين صدي جي پهرئين ڏهاڪي ۾ وفات ڪئي. وڌيڪ ثابتي ان مان بہ ملي ٿي تہ مخدوم صاحب ڪتاب "بدرالمنير" 1184هہ ۾ لکيو.

مخدوم عبدالله نرٿي وارو باڪمال عالم هو. هو وڏو عالم ۽ فاضل هو. ۽ سندس مطالعو بہ تمام وسيع هو. درس و تدريس، تبليغ ۽ دين جي اشاعت جي سلسلي ۾ سڄي زندگي سرگرم رهيو. ان سان گڏ هو وڏو اهل قلم ۽ بسيارنويس مصنف بہ هو. هن سنڌي زبان ۾ ڏکهن بيتن ۽ الف اشباع جي سٽا ۾ بيشمار علمي، مذهبي، ادبي، فقهي ۽ تاريخي ڪتاب لکيا. هن جيڪي بہ ڪتاب لکيا آهن، اهي وڏي تحقيق سان لکيا اٿس، ۽ ڪتابن جا حوالا ڏيئي لکيو اٿس. هن بيشمار معياري عربي ۽ فارسي ڪتابن جا حوالا آندا آهن. تفسيرن جا نالا ڪنيا آهن، ۽ حديثون ڏنيون آهن. ان مان سندس علم، مطالعي، علمي بصيرت ۽ محققانہ انداز جي بخوبي خبر پوي ٿي. سندس جن سنڌي ڪتابن جا نالا معلوم ٿي سگهيا آهن، اهي هي آهن:

(1) ڪنزالعبرت (2) قصص الانبياء (3) خزانة الابرار (4) خزانہ علم (5) خزانة المروايات (6) تنبيهہ الغافلين (7) معيار سالڪان طريقت (8) قمرالمنير (9) بدرالمنير (10) نورالابصرار (11) هفت بهشيت (12) تفسير يوسف (13) غزوات (14) خلفاء

الراشدين (15) سڳ نامو (16) شجاعت سيدالانام (17) قصو سيدنا عمر جو اسلام آڻڻ (18) شهادت امام حسين رضہ.

انهن مان ڪجهہ ڪتاب قديم رسم الخط ۾ ڇپيا آهن. جهڙوڪ: ڪنزالعبرت، نورالابصرار، صفت بهيشت، تفسير يوسف، قمرالمنير، بدرالمنير، غزوات ۽ خلفاء الراشدين. ان هوندي بہ ڪيترائي ڪتاب قلمي حالت ۾ مختلف لائبررين ۾ موجود آهن. انهن مان خزانہء اعظم نهايت اهم علمي ڪتاب آهي. هتي ان ڪتاب جو تعارف ۽ جائزو بہ ڏنو ويندو.

مخدوم صاحب جي ڪتاب جو لهجو لاڙي ڪجي آهي؛ پر عام فهم آهي. انهيءَ ڪري ڪچ، لاڙ توڙي باقي سنڌ ۾ سولائيءَ سان سمجهہ ۾ اچي ٿو. سنڌس نظمي سٽا پختي، پراثر ۽ رواني واري آهي. گهڻو ڪري الف اشباع جو قافيو استعمال ڪيو اٿس. پر ڪن ڪتابن ۾ صحيح قافيہ وارا ڏگها بيت بہ آندا اٿس. سندس ڪتابن مان ڪجهہ سٽون نموني طور هيٺ ڏجن ٿيون:

ڪنزالعبرت مان:

اهو منهنجي اکين جو ٺار منجهہ دنيا
۽ پڻ ميوو هوم دل جو وندر وجودا
هيجان سانديو مون هنج ۾ سو پيارو پاٿا
ڪوڏا پنايم جہ ڪي، ججي سڪ منجا
هوم آڱانديو اکين، دلبر منج دنيا.

قمرالمنير مان:

مُنکي جيڻن مشڪل ٿئو. ڏارا دوستن
نفسانيت نابود ڪي، مٺائي مڙن
عادت ويئي احسان جي، منجا ٿي ماڙن
وڏا شڪ سين ڪي، سر هي شيطانن
مهر محبت لڏئو. هيج نہ منج هنين.

خلفاء الراشدين مان:

هاڻ ڪريهون امام حسين جو. ڪي مذڪوره هن مٿا

جو عابد زاهد متقي، اڪمل اطهرا
سنه سونهارو، منه موچارو، ڪامل ڪلاما
چائو سُنهارو، سو پنجين تاريخا
مهيني شعبان جي، سڪي ياد ڪِجاه
تن ورهه چوٿو سو هئو، ڪنان هجرتا.

انهن ڪتابن کان سواءِ سنڌس ٻن اهم ۽ محققاڻ ڪتابن غزوات ۽ خزانہ ء اعظم جو ڪجهہ وڌيڪ تفصيلي تعارف هت ڏجي ٿو:

غزوات: مخدوم صاحب سيرت پاڪ تي هي محققاڻ انداز ۾ لکيو آهي، ۽ غزوات جو احوال ڏيندي حوالي طور ڪتابن جا نالا بہ ڄاڻايا اٿس. جن ڪتابن جا نالا ڄاڻايا اٿس، اهي گهڻي قدر هي آهن:

(1) مخدوم هاشم ٺٽوي جو عربي ڪتاب "بزل القوه في موادت سني بنوه" (2) حبيب السير (3) زرقاني جو شرح مراهب (4) حافظ ابن حجر اسقلاني جو تهذيب التهذيب (5) سيرت شامي (6) صحيح بخاري (7) واحدي جو نقاية الاثر (8) مسند امام احمد (9) بيمقي جو دلائل النبوره (10) طبراني جو سيرت ڪبير (11) قسطلاني جو "شرح صحيح بخاري" (12) تفسير مدارڪ (13) مسند امام اعظم (14) خزانة الاڪمل (15) فتح الباري (16) علي قاري جو شرح مشڪواة (17) سيرت ابن هشام (18) تاريخ طبري (19) طبقات ابن سعد وغيره.

مخدوم عبدالله جو هي ڪتاب نہ فقط قدامت جي لحاظ کان، ٻر مدار ۽ تحقيقي جي لحاظ کان بہ وڏي اهميت رکي ٿو. سڄو ڪتاب "الف اشباع" نجي سٽا ۾ آهي. "فتح مڪہ" واري باب مان ڪجهہ سٽون نموني طور ڏجن ٿيون:

آهي بذل القوة ۾ اهڙي عبارتا
۽ ٻين فتح مڪي جي ڏينهن ۾ لکن ڪتابا
تہ آئي بيبي ام هاني منج خدمت رسول خدا
اچي چيائين پيغمبر ڪريم کي، چي يارسول الله
ميءَ جو ماءُ- پٽ مهجو امير علي آه
سو ٿو ياٺي قتل ڪريان تن، ٻنين ڄڻن کا

جي ٻــ مـڙس مهجي گهر ۾ مَٽَ آهن ٻچايا
ٻچــي لـڳـا آهن جي، آنهـنجي خـوف کـنـا
هـاڻ کـه ٻـر فرمـائيـو هـي شـرم اهنجـو آه
تڏهه بيغمبر جواب ڏنو. بي بي ڪي مهـنـدا
چي: بي بي جي تهجي گهر ۾ ٻچـي جـي لڳـا
مـرڻ خـــوف تــن تــا. اوء اسـان ڪـنـا آجـا
جــن ڪـي تـو امــن ڏنــو. ســي تـٿـا امــن وارا
تــن منجـا مڙس هيڪـڙو. حـارث لڳـن تــا
جو ٻٽ هشـام مخزومي جو. ابوجهل جو ڀاءُ
۽ ٻيــو زهيـر جــون. هٿـو ٻـٽ ابـي اميـتـا
ٻـوٽـو مـغـيـره ســنــدو. مـخـرو مـين مـنـجـا
جو ٻاءُ بي بي ام سلمة جو. جا مومن جي ماءُ
تــان ٻــي تــن ڪــي امــن ڏنــو جـڏنـه احـمـدا
تـڏنـهه آئـيـا اســلام ۾ ٻـٽي پيغمبر مهـنـدا.

ٻـولي: هن مـان معلوم نـيندو. تہ هن ڪـتـاب ۾ جيتوتيڪ عام فـهم سـنڌي لفظ آندا ويا آهن. جيـڪي سـجيءَ سنڌ ۽ ڪچ ۾ عام مروج هٿا. ان هوندي بہ ڪـيـتـرائي لازي- ڪجي محـاورن جـا مخصوص لفظ. اصطلاح ۽ نحوي بناوتون ڪـتب آنديون ويون آهن. انهن مان ڪجهہ لفظ هن ڏجن ٿا:

● ٻُجـا تِهـا = ان کـان ٻوء ● تان = ان کـان ● تان بي = ان کـان ٻوء ● ٻانِهِن = ٻاويهِن ● ٻانٿِين = ٻانيائون تہ ● ٻر = طرح ● تيلانه = تنهن ڪري ● سنبهي = سنبري ● چاڳلو = سهٹي صورت ۽ سورت ● هيڪاندا = ڳڌيل ● ڪٿين = ڪين ● سٿين = تـائين ● سنيـورو = سنيـريو ● مهنـدا = اڳيان ● هلائي = مـوڪـلي ● ڪٿيس = ان ڪي ● ميڏِن = وارن ● ڏراءَ = ڏر. خوف اوء = اهي ● تنائون = انهن کـان ● آن ڪنان = اوهان کان ● انين = انهن ● ڪرون = خبرون ● تت = اُتي ● تنين = انهن ● جان = جيئن ● ماتَ = متان ● سمهوَن = چوکون ● ابنٿا = آسـمـانن کان ● هُند = هوند ● مُنکي = مونکي ● مُـٺ = مون ● وتّيا = وٿـه

● مرهاتا = بخشيل ● ابر = تمام ● ڪجارو = ڇا ● انهين = ائين ئي ● ڪج = ڪين ● مُها = منهن مان، زبان مان ● بدرين = بدر وارن ● آذا = سامهون ● ڄاڃي -ڀٽ = سوٽ ● مات-ڀٽ = ڀاءُ ● هنئا = من ڪان ● ڀڄائا = ڀوءِ ● ڄجون = گهٽيون ● سڏفيريو = اعلان ڪيو ● پوريندو = بند ڪندو ● تيئون = انهن ڪان ● ورجان = پل جان ● هين سين = دل سين ● اتي = تي ● ڏنا = پسند ڪيل ريهين = ري، سواءِ ● ابتا = ترسيا ● پربندمين = تهريان ● ڄتو = ڄُهيو ● تنٺا = انهن مان ● اهاءِ = روشني ● برنا = ڪرازا ● ڳبور = ڳبورائي - اها عورت، جنهن کي ٿڻن تي ڀار هجي ● توڪن موءِ = توکي هجي. دور = پلي = هنئا = من ڪان ● اڄ سينءِ = اڄ تائين ● جيهين = جيئين تي ● مايو -ڀاءُ = مائيلو ڀاءُ ● ڪنين = ڪن ، ڪي ● ڪين = ڪو ● تيهين = ائين ئي ● اتاس = متانس. ان تان ● سگهي = جلد ئي ● ڄاڄي- ڏيءِ = سوٽ ● تاسينءِ = تيستائين ● جاسينءِ = جيستائين ● بنيس = ٻڪس، پورا تيس ● واري = ميني. معاف ڪري ● ونگايا = ونگايون ، ڏوهه، خطائون ● سهڪو = سولو.

خزانهء اعظم: هي هڪ تمام ضخيم ڪتاب آهي، ۽ وڏي تختيءَ جي ائن جلدن تي مشتمل آهي. هرهڪ جلد ۾ قريباً 800 صفحا آهن. هن ڪتاب ۾ اسلامي تعليمات جي هر پهلو جي نهايت تفصيل سان، مثالن ذريعي، ۽ قرآن حڪيم ۽ حديث شريف جي روشني ۾ وضاحت ڪئي ويئي آهي. عبادتن جو مقصد ۽ طريقو به بيان ڪيو انس، ته دنيوي معاملن جي به اپنار ڪئي انس. اسلامي قانون ۽ فقهي مسئلا به بيان ڪيا انس، ته اخلاقيات جي نڪتن جو به بيان ڪيو انس. اسلامي تعليم جي روشنيءَ ۾ جيڪي گڻ آهن، اهي به کولي سمجهايا انس، ته جيڪي اوگڻ آهن، انهن جا به نقصان، دنيا ۽ آخرت جون سزائون، ۽ معاشري ۾ جيڪي خرابيون پيدا ٿين ٿيون، اهي به کولي بيان ڪيون انس. هي ڪتاب اهڙي معيار ۽ نوعيت جو آهي، جهڙو امام غزالي جو ڪتاب "احياء علوم دين". هتي پهرين جلد جا ڪجهه حصا نموني طور ڏجن ٿا:

ءِ پڻ فرمايو رسول رب جي مرسل مجتبيٰ صلي الله عليه وسلم
ته ڪرهو پاسو غيبت ڪنا. تيو ڏور انها

تحقيق ان ۾ نِي مصيبتون آهين رڪاون مولئِ
هيڪ جنِ؛ هرگز قبول نہ ٿِي تہ شخص جي دعا
جو ڪري غيبت مومن جي، ڇاڻي ڇاڻ منجا
پيو آڳو عمل تہ سندا، ڪري نہ قبولا
ٿيون ويتر ٿينس مٿائيون، ڏيها ڏيهہ زيادا
۽ پڻ غيبت چڱاين کي ان پر ڇيائون ڪاء
جہ پرڪايو ٿو وجي ڇيرو ڪاٺين ڪا
اَلغيبة تا ڪل الحسنات ڪماتا ڪل النار الحطب چيو رسول خدا.

ذاتيون ۽ فضيلت جو معيار:

جن جا ذاتي ۽ ذاڏن تي آهين پروسا
سٺيو جي سرها ٿيو. وينا ڪرين گناهہ
تحقيق ذاتيون آڳانيون سيني، جيون ٿينديون ضايعا
جڏہ سُجَندو ڪنن سين سندو صور ڏڪاء
فَاِذانفخ في الصور فلاانساب بينهم يومئذو لايتساء فرمايو خدا
ڪونہ پڇبو ان ڪري تہ ڪَهِ جو آهين وياء
مگر سموري عملن جي ٿيندي تت پڇا
ري رسول انسـاهنجي، جو مير محمد شاهہ صلي الله عليه وسلم
ڪانہ رهندي ڪِهِ جي منج ظاهر ذات ڪا
جڏہ ذاتين ظاهر. دُنيا۽ ۾ آ هين سڃاڻڻ لاء
تہ سڱ سياڪا پاڻ ۾ سيني ٿين سُحمڪا
نات اصل سين جو هيڪڙو آهي پوءِ ۽ ماء
يَآ اَيهَا الناسَ انا خلقنا ڪم من ذڪروا نثيٰ و قجلناڪم شعوباو قبائل
لتعارفوا ڪديئو قرآنا
صاحب ڪي سهاء سو، ڳهني جہ تقويٰ
اِن آڪرمَڪم عند الله اتقڪم ڪهيو ڪريما
ڳولا آڳا قيام ڏيہ سب نيندا ڌڪ جها

ڪي گولا پَهندا جنت ۾ عملن جي سببا
۽ ڪي آڳا سبب گناهن جي دوزخ ۾ وجبا
آڳي جي درگاهه ۾ صحبت وات نہ ڪا
لڪين لشڪر جن جي پُٺِ ۾ هوا چڙندا
پڻ هرجن جي حڪم ۾ گهوڙا ۽ بيرا
سي هَندا سٺيءَ جا سيڪڙو منج محشر مڪانا
انگ اگهاڙا بکيا، اجيا، آتا ڪا
پسيو پاپَ پاهجا گهٽو هَتَ هٿندا
پڻ رويو رئندا رت سي هيءَ هيءَ ڪيو هاء
۽ گهٽا ڏکيا بکيا جي هٿا، منج دنيا
سيا برڪت نيڪن عملن جي بهشت ۾ تهندا
تحقيق جنت جاء تن جي، جي امر منج آيا
توڙي حبشي هُويا سي، گولا غلاما
۽ دوزخ مڪان تن جو، جي قريا فرمانا
توڙي هَندا سردار سي، قريشين عنا
اَلجَنۃُ يمِن اَطاَع ولوڪانَ عَبدَ اَحبشِياً وآلنا يَمِن عسلِي ولَوڪاَنَ سَيدَ
اَقريشياً ڪامل ڪلاما
تات جنين ڪري پروسو ڏاڏن جو نافرمودا ڪٺا
ڪِ پسي پهجي ذات طلي دليو لاتاٺاون ڏاو
تن پاٺهين مٺ پاڻ کي، ۽ لڄاياٺون ڏاڏا
ڪياٺون شرمندا تن کي، پيغمبر مهدا
جِڏءَ اوءِ ڪري عبادتون، اِنَ نيتا وَهيا ويچارا
تہ مانَ ڪِہ پر راضي رب تـي، تہ اسان تـي بچاء
تن کي وڏاٺون ڪاڻ ڪرءِ سين، ۽ پاڻ پٺورسٺا
يوم لاتملڪ نفس لنفس والامر يومئذلله اي پين خبر نہ ڪا
تحقيق حضرت نوح جو هٺو مرسلن منجا

پٽ ته جو ڪافر ٿئو. شامت انڪارا

ٽالو ڪنعان ڇه جو آهي مشهورا

تابي جڏهہ حضرت نوح ڪرڻ لڳو تہ ڪارڻ شفاعتا

تہ رب مهجا رحمان ڏٺي صاحب سپاجا

هيَ پٽ مهجو تحقيق پرعنا اهل مهلي آه

۽ تهجو وعدو ساڻ مَن اصل آه اِها

(ان ڪان پوءِ حضرت نوح جي پٽ جو قصو قرآن ڪريم جي آيتن جي حوالن سان تفصيل سان بيان ڪيو ويو آهي.)

ٻولي: هن ڪتاب ۾ ٻہ اهڙا لفظ استعمال ٿيل ملن ٿا. جيڪي مٿي ڏنا ويا آهن. لاڙي - ڪڇي محاوري جا پيا بہ لفظ ملن ٿا. جن مان ڪجهہ هيٺ ڏجن ٿا:

● ٺاهيون = رنڊڪون ● وِٿرو = وڌيڪ ● ڏوهُ = ڏانهن ● سياڪا = سياپا ● سگَ سياڪا = مٽ مائٽ ● سُجند = سڻندو ● چندس = چوندس ● ڪاڏي ٿي = ڪاڏي ٿي ● مَه = منهن ● ڪرهو = ڪريو ● تِه = تنهن ● آڳو = ڏٺي تعالي ● ان پر = ان طرح ● جه پر = جنهن طرح ● ڪِه = ڪنهن ● ذاتين = ذاتين ● اسانهجي = اسان جي ● سهڪا = سولا ● سُهاء وٿي= پسند اچي ● ڳهٽي = ڳهٽو ● ٽپهندا = ڳهِرندا ● ڳولا = پانها ● آڳا = مالڪ ● اٺاڪا = آ = نہ + ٺاڪا= ٺاڪ وارا - بي ڳهرا ● پاهجا = پنهنجا● هُندا = هوندا ● پهجي = پنهنجي ● ڍاءُ = ڍب. پوءُ ● جِنءُ = جيئن ● اوء = اهي ● وهيا = ويا ● مَن = مو. ● ڪنا = ڪان ● تهجو = تنهنجو ● تذهہ = تذمن ● هارندا = هاريندا ● وِندا = ويندا ● هُندا = هوندا ● ڪينوُ = ڪائندو ● ته ڪا = تنهن ڪي.

صورتخطي: هي قلمي نسخو جنهن صورتخطي ۾ لکيل آهي، ان جا خالص سنڌي حرف هن طرح آهن:

موجوده صورتخطي	قلمي نسخي جي صورتخطي	موجوده صورتخطي	قلمي نسخي جي صورتخطي
ٻ	ٻ	ٿ	ٿ

ٿ	ٽ	ڦ	ق
ڌ	ڊ	ڏ	ڌ
ڳ	ک	ڻ	ن
جهه	ڇ، چ	ڱ	نگ
ڙ	ر	ڍ	ڊر
ڄ	ڃ، ج	ٺ	ٽر
ڍ	ڊ		

● ڙ - ر ● ڳ = گ ● گهه = ک ● ک = ک

املا (لکڻ جون صورتون)

● ٿهکا = ٿه کا ● ربجي = رب جي ● انبر = ان بر ● مصيبتن = مصيبتون ● رکائيّ = رکائيون ● انبر = ان بر ● جهبر = جه بر ● کهجي = که جي ● ڪياءِ = ڪيائين ● دنيّبر = دُنيءَ بر ● سينِ = سيني ● صاحبکي = صاحب کي ● جنبٽ = جنتين (جنت بر) ● رَوءَ ندا = روئندا ● لاناءُ = لاناٺون ڪياءُ = ڪيائون ● پانکي = پانّ کي ●بن = بين.

انهن مثالن مان ظاهر ٿيندو ته حرف جملي بر حرف جر وارا لفظ "کي". "کا" بر. "جو" . "جا" وغيره لفظن سان ملائي لکيا ويا آهن. انهن کان سواءِ کجهه ٻيا لفظ به گڏي لکيا ويا آهن. "ٿين". ٻحازيءَ جي بدران لفظ جي بوٿين حرف جي هيٺان به زيريون. "اون" ٻحاريءَ لاءِ لفظ جي بوٿين حرف تي به پيش، ۽ ٿين = ٻحازيءَ لاءِ لفظ جي آخري اکر تي ابيون به لبکون ڏنيون ويون اهن.

حوالي وارا ڪتاب: هن ڪتاب ۾ هنڌين ماڳين قرآن شريف جون آيتون ۽ حديثون اصل صورت ۾ شاهديءَ طور آنديون ويون آهن. حديثن ڏيڻ وقت حديثن جي ڪتابن جا نالا، تفسيرن جا نالا. ۽ ٻين علمي ڪتابن جا نالا به حوالي طور ڏنا ويا آهن. ڪجهه نالا هيٺ ڏجن ٿا:

(1) تفسير معامل (2) تفسير ابن ابي حاتم (3) صحيح بخاري (4) شرح مشکواة (5) مجالس الابرار (6) مفاتيح الجناب (7) خزانة الرواية (8) محيط (9) فتوي خاذب (10) فتوي ظهيري (11) فتوي غياثي (12) شرح حمدي (13) شرح ضوءُ المعالي

(14) شرح علي قاري (15) قصيدو امالي (16) مرج البحرين (17) ذخيره (18) نصاب فتوى (19) خلاصة الفقه (20) عقد اللالي (21) مفاتيح العنان (22) اشارة و النظائر (23) مبسوط (24) سباط الناظرين (مخدوم هاشم ٺٽوي) (25) بياض مخدوم محمد هاشم ٺٽوي (26) مختصر اساس الدين (27) متانة الرواية (28) نوادرالاصول (حکيم ترمذي) (29) فداصة الانوار (30) تذکرة الواعظين (31) تکميل الايمان ۽ ٻيا .

شخصيتون: هن ڪتاب ۾ اسلامي دنيا جي ڪيترين ئي شخصيتن جا نالا، انهن جا واقعا ۽ قول بہ ملن ٿا. جهڙوڪ: امام اعظم، علي ابن عباس، قاضي خان، شيخ عبدالحق محدث دهلوي، غياثي، امام ابومنصور ماتريدي، امام سيدابو القاسم، امام احمد، عبدالرحمٰن بن عبدالحميد، خالد بن وليد، امير حمزو، بيبي فاطمة الزهرا، حضرت علي رض، ملا علي قاري، حضرت عبدالله بن عمر، حضرت عثمان رض، سلمان بن يسار، شيخ جزري، مهاجر بن امير، ابو هريره وغيره .

هن مان ڪتاب جي علمي اهميت ۽ محققانہ حيثيت جو بخوبي اندازو لڳائي سگهجي ٿو. بهرحال هن جوڻ ۾ ڪو بہ وڏاءُ نہ آهي، تہ سنڌي زبان جي قديم ڪتابن ۾ هي ڪتاب پنهنجي نوعيت جو واحد ڪتاب آهي.

عبدالرحمان ڪاڻياڻيءَ: هن بابت فقط ايترو معلوم ٿئي ٿو، تہ هو ذات جو ڪاڻياڻي، محمدملوڪ جو پٽ ۽ ڪڇ جي شهر "ڀڄ" جو رهاڪو هو. شاهہ عبدالڪريم بلڙيءَ واري جو مريد هو. ۽ ان نسبت جي ڪري سنڌ ۾ ايندو هو. هن شاهہ ڪريم جي ملفوظات "بيان العارفين" فارسي جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو. هن سنڌي ترجمي جو ڪم ربيع الاول سنہ 1213هہ (1898ع) ۾ شروع ڪيو. ۽ ٻارهن باب ساڳي مهيني جي ويهين تاريخ پورا ڪيائين. انهن ٻارهن بابن کي "جلد پهريون" نالو ڏنائين، ۽ ٻوين پنجن بابن کي "جلد ٻيو" ڪري ليکيائين. باقي پنج بابت ڪڏهن ترجمو ڪيائين، ان جي تاريخ نہ ڏني اٿس. سنڌي ترجمو سمورو "الف اشباع" جي سٽاءَ ۾ ڪيو اٿس.

بيان العارفين: "ملفوظات"، اهڙي ڪتاب کي چيو ويندو آهي، جنهن ۾ ڪنهن بزرگ يا عالم ڪان علم ۽ حڪمت متعلق ٻڌل ڳالهيون ۽ ان جون چوڻيون،

هدايتون ۽ نصيحتون ڪائنس ٻڌي، يا هِتان هُتان ٻڌي قلمبند ڪري، ڪتاب ۾ گڏي ڪري، ترتيب سان ڏنيون وجن. اهڙيءَ طرح ڪتاب "بيان العارفين" ۾ هڪ ملفوظات آهي، جنهن ۾ اهي ڳالهيون ۽ سمجهاڻيون جمع ڪيون ويون آهن. جيڪي شاهه ڪريم پنهنجي مريدن کي ٻڌايون. سمجهايون ۽ بيان ڪيون.

بيان العارفين، شاهه ڪريم جي مريد محمد رضا، شاهه ڪريم جي وفات کان 6 سال پوءِ سنه 1038هه (1628ع) ۾ مڪمل ڪئي. ان ۾ شروع ۾ شاهه ڪريم جو حياتيءَ جو احوال ڏنو اٿس. ۽ ان کان پوءِ مختلف بابن هيٺ شاهه ڪريم جون هدايتون، سمجهاڻيون، چوڻيون ۽ سنڌي بيت ۽ ڪجهه فارسي بيت ڏنا اٿس. هن اهو مواد، شاهه ڪريم جي مريدن کان معلوم ڪري، قلبند ڪيو. احوال ۽ اقوال فارسي نثر ۾ لکيائين. مختلف جاين تي سنڌي بيت اصل صورت ۾ ڏنا اٿس. ته انهن جي هيٺان فارسي ۾ ترجمو به ڏنو اٿس. هي اهي بيت آهن، جيڪي شاهه ڪريم، انهيءَ احوال هلندي ٻڌايا. انهن مان 90 شاهه ڪريم جا آهن، اٺ قاضي قاضن جا آهن، ۽ پنج ٻين شاعرن جا آهن.

عبدالرحمان ڪاٺياڻ فارسي جو الف اسباع جي سٽا ۾ سنڌي ترجمو ڪيو. ۽ سنڌي بيت اصل صورت ۾ ڏنائين. هن ترجمي جي مقدمي ۾ اصل مرتب جو نالو ۽ پنهنجو نالو هن طرح ڄاڻايو آهي:

مريد ڳجهو ۽ پڌرو ظاهر ظهورا
جه اي رسالو فارسي، هو ڪيو تصنيفا
نالو محمد ته جو پٽ واسع لکن تا
عرفا مير دريائي، بوتو داروغه گوهرا
ساڪن شهر ٺٽي جو، ڪري گذرانا.

سي سب واٺي فارسي ۾ هٿا موجودا
تان هو رسالو ڪيترئ مدت مديدا
جان سين هزار ۽ ٻه سوءَ ڏهه اڳرا ورهه گذر تا
هجرت کي حبيب جي نبي نورهدي صلي الله عليه وسلم

عبدالرحمان بن محمد ملوڪ ڪِئو سنڌيءَ جو سميا
تہ ظاهر ٿئي تن تي، جي فارسي نہ ڄاڻن ٿا.
ڳالهيون حضرت پير جون، قطب زمانا
تان جڏه هي رسالو، ٿئو سنڌي فارسي تا
تِنءَ ٻارهن سوءَ ڏهہ ورهہ هٿا گذر تا.
هجرت کي حبيب جي محمد مقتوئي صلي الله عليه وسلم
سو مهينو هو ربيع الاول جو، ڀهري تاريخا
ڏينه اڳاري جو سو، هو ليکي شمارا
نالو بيان العارفين رکئم، اصلي مثالا.

جلد ٻهرين جي آخر ۾ ڄاڻايو اٿس:

ڪارهہ باب ڪتاب جا اتِ اچي تمام ٿئا
منجا جلد ٻهري جي ٿئا بيانا
ءِ پنج باب ٻي جلد ۾ ٿيندا مذڪورا
تہ ٿيندا سورهہ سڀئي تہ ۾ ابوابا
تان جڏهہ جلد ٻهرو هي ٿئو تماما
تڏهہ هزار مٿي ٻہ سوءَ هٿا تيره ورهہ اڳرا
مهينو ربيع الاول جو ويهين تاريخا
ڏينه هو جمع جو منجا ڏينها
ڪئم ترجمو رسالي تان، جو هو فارسي اصلا.

پنهنجي شهر بابت چوي ٿو:

"جو رهي ٻچ جي شهر ۾، ساڪن سڪونتا."

فارسي نسخي ۽ سنڌي ترجمي ۾ مواد ساڳيو آهي. البت ترجمي جي بابن ۾ ڪجهہ فرق آهي، مثلاً فارسي ۾ مقدمو، ست باب ۽ خاتمو آيل آهن. مقدمو وري ٻن فصلن ۾ ورهايل آهي. سنڌي ترجمي ۾ مقدمي جي ٻنهي فصلن کي جدا جدا باب ڪري ليکيو ويو آهي. ان کان سواءِ بابن جي ڪُٽب ۾ ٻيو بہ ٿورو فرق آهي. يعني اصل ڪتاب جي مقدمي، ستن بابن ۾ خاتمي کي، سنڌي ترجمي ۾ سورهن بابن ۾

ورهايو ويو آهي. مترجم، پنهنجي مقدمي ۾ هن طرح لکيو آهي؛

سورهه باب تهِ ۾، ڪٺا جوڙيندي ديرا."

بيان العارفين سنڌي ۾ پهريون ڇاپو سنہ 1293ھ (1876ع) ۾ مخدوم عبدالصمد ولد حاجي محمد مقيم مخدوم نورنگ پوٽي، ڪتب فروش ميرپوربٺورو، مطبع مرغوب هر ديار بمبئيءَ مان ڇپائي پڌرو ڪيو. ڀر ڪتاب جي اصل ۾ ٿوري ڦير ڦار ڪيائين. ڪتاب جي آخر ۾ پنهنجي طرفان اهڙو نوٽ به ڏنو اٿس، جنهن ۾ ڄاڻايو اٿس، ته کيس بيان العارفين سنڌي ٻيو جلد اول حاصل ٿيو. پوءِ هن پهرين جلد حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ٻيو جلد کيس فقير حاجي عبدالله جت سالاراڻي، ڪڇ مان هٿ ڪري ڏنو. ان کان پوءِ درگاهه شاهه ڪريم جي سجاده نشين سيد محمد صلاح کان ڇاپڻ جي اجازت ورتي، ڪتاب ۾ ٿورا اختصار ڪري، ڪتاب ڇپايائين ۽ نوٽ ۾ اختصار بابت لکيو اٿس:

"..... اختصار عبارت جو ڪري، جنءَ مقصد ۾ نقص نہ ٿيئي، جوڙي تيار ڪري، گهڻن اهل الله کي ڏيکارئم. جڏهہ تن پسند ڪئو، تڏهہ شهر بمبئيءَ ۾ پاڻ اچي، مطع مرغوب هر ديار ۾ ڇاپي تيار ڪئم..."

بيان العارفين سنڌي جي اصل نسخي جي پهرين جلد جو نقل سنڌي ادبي بورڊ جي ڪتبخاني ۾ موجود آهي، جيڪو سيد غلام شاهه قادري 4 - ربيع الاول سنہ 1244ھ تي نقل ڪيو. يعني اصل نسخي جي لکجڻ کان 30 سال پوءِ نقل ڪيو ويو. ڇاپي ڪتاب کي قلمي نسخي سان ڀيٽي ڏٺو ويو، ته معلوم ٿيو ته بمبئيءَ واري ڇاپي ڪتاب ۾ ڪي قول آهن ئي ڪو نہ، ته ڪي وري مختصر ڏنا ويا آهن. ان کان سواءِ ڪتاب کي آسان بنائڻ لاءِ بمبئي واري ڇاپي ۾ لفظ بدلائي سولا لفظ آندا ويا آهن. اصل سنڌي ترجمي تي ڪڇي لهجي جو اثر غالب آهي؛ پر ڇاپي ڪتاب جي ٻولي لاڙي آهي. ان هوندي به صورتخطي ساڳي قلمي نسخي جهڙي آهي.

بمبئيءَ جي ڇاپي کان پوءِ سن 1909ع ۾ سکر جي ڪتب فروش هريسنگ لاهور جي اسلامي پريس مان ان جو ٻيو ڇاپو، ڇپائي پڌرو ڪيو. هي ڇاپو ناقص آهي، ۽ ان کي درسي ڪتابن واري صورتخطيءَ ۾ آڻي ڇاپيو ويو آهي.

سنڌي ترجمي جون ادبي خوبيون؛ فارسي نسخي ۾ مقصد کي مؤثر بنائڻ لاءِ تشبيهون ۽ تمثيلون آنديون ويون آهن. سنڌي مترجم اهي تشبيهون ۽ تمثيلون اڃا به وڌيڪ اثرائتي انداز ۾ آنديون آهن. اهي تشبيهون پنهنجي وطن جي شين ۽ نظارن تان ورتل آهن. هڪ هنڌ، دم بند ڪرڻ کي سانداريءَ ۾ هوا بند ڪرڻ سان ڀيٽ ڏني اٿس. سانداريءَ کي سيٺ به چيو ويندو آهي. جنهن ۾ هوا ڀري، ان کي ترڻ لاءِ ڪتب آندو ويندو آهي:

ته بند سڀ ڪه دم جو ڪجي مضبوطا
جيئن مثال سانداري جي. جو ڀرجي واءُ منجا.

هيئن سٽن ۾ عيالوند ماڻهوءَ کي ڄار ۾ ڦاٿل مڇيءَ سان تشبيهه ڏني وئي آهي:

جي ڦسئو عيالوند ٿئين، ڪرئو عورتا
سي آهن مثل مڇيءَ جي. ڄار ۾ پوئي جا
پوءِ جڏهه پوئي ڄار ۾. تڏهه ڪري نڪرڻ جو سعيا
تانڪري سگهي نه مورهين. جان ڪري ڪي وسڙا.

سيد صاحب جو چوڻ آهي، ته انسان جي ننڊ ۾ بي سمجهيءَ ۾ گذري ٿي. ۽ پيريءَ ۾ منجهس اهو ست- ساءُ نه ٿو رهي. انهيءَ ڪري جوانيءَ کي غنيمت سمجهي. ان ۾ وڌ ۾ وڌ الله تعاليٰ جي عبادت ڪجي. هيئين سٽن ۾ جوانيءَ کي ڪمند جي وچ: پيريءَ کي پڇڙن ۽ نڌ پڻ کي پاڙن سان تشبيهه ڏني اٿس:

ته هوءِ مثل ڪماند جي، جه جي پاڙ ۽ باندورا بيڪارا
وچ ته جو لذت وارو ۽ مٺو تماما.
انهين طرح پير پائي ۽ ڳيورائي آهين بيڪارا
جواني وقت آهي توبهه جو. منجهس لذت عبادتا.

سيد صاحب جو چوڻ آهي، ته شريعت کان سواءِ طريقت ڪا به معنيٰ نه ٿي رکي. ان مقصد کي مؤثر بنائڻ لاءِ ان طالب کي، جيڪو انهن مانِ هڪ کي ڇڏي ڏئي ٿو. ان ٻڪيءَ سان ڀيٽ ڏني وئي آهي. جنهنجو هڪ پَرُ ڀڳي پيو هجي:

ته جيڪو شخص شريعت کي سگهي ٿي صحيحا
۽ حقيقت جي مورهه رکي خبر نه ڪا

سو آهي شخص ان ڀڪيءُ جي مثلا
جه جي هيڪڙي ڀڪڙاندي ڀڳي ۽ ڪري اڏامڻ جو ارادا
ڀوءِ ڇي سعيو ڪري سندو اڏامڻا
تہ اڏامي نہ سگهي، ڀڪي سو مورا

ڏک ۽ ڏاکڙا، سور ۽ سختيون، مشڪلاتون ۽ مصيبتون عشق جو ڏاج آهن. انهي ڪري، طالب کي ديڳ سان تشبيهہ ڏني وئي آهي:

تہ گهر جي طالب کي، ٿي ديڳ - مٽي مثلا
جڻ ٻري تہ کي ٻاٺيءُ سين، رکجي جيري تا
پر جيڪڏهہ ٻچي ٽاندي تي منجهہ ان ساعتا
تہ ڪنا عذاب آتش جي لهي خلاصا
پر جي سجي نہ ٻگي، ڪوئش سوراخا
تہ هوندا گهڻا ڏينهہ اتش تي لهي عذابا.

اهڙي طرح ڇپي ڇپي تي تشبيهون ۽ تمثيلون ملن ٿيون. هتي نموني طور ٿورن مثالن تي اڪتفا ڪئي ويئي آهي.

بيان العارفين ۾ شاهہ ڪريم جا جيڪي بيت آيا آهن، انهن جو طريقو هي آهي، تہ شاهہ ڪريم ڪنهن ڳالهين جي سمجهاڻي ڏيندي، بيت پڙهيو آهي. بيان العارفين سنڌي مان اهڙي نوعيت جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

ٻيڻ فرمايو حضرت پير مبارڪ مها
جه فقير کي تہ ڪو ڪم اچي درپيشا
تہ ٻهڙي ور منج دل سو ڪري تدبيرا
سو البت لهندو دل منجا تہ جي مصلحتا
پر جيڪڏهہ نہ لهي تہ ۾ دل منجا
تہ ور ڪري ٻي شخص سين وچي مصلحتا
ٻيڻ فرمايو حضرت پير مبارڪ مها
تہ منج راهہ خدا جي نہ هلڻا آهہ هتن پيرن ۽ زبان سا
مگر هلي ٿو دل سين راههمنج مولي.

ء جي منج دل ان جي ڪم اڇي پوء شبها
نہ ٻجي سو ٻي ڪنا ڪري تحقيقا
ٻن فرمايو حضرت پير ھي بيت سنڌي وا ء:
جي ڀڄڻا سي نہ منجهڻا. ڀڄن سي وير.
جو لکڻ منج مارُوئين. سو ڪلکڻ منج ڪير.

صورتخطي: بمبئيء واري ڇاپي ۾ سنڌي ادبي بورڊ واري قلمي نسخي ۾ سنڌي حرفن جون جيڪي صورتون ڏنيون ويون آهن، اهي هن طرح آهن:

موجوده	سنڌي ادبي بورڊ	بمبئي ڇاپو	موجوده	بورڊ	بمبئي	موجوده	بورڊ	بمبئي
ڀ	ب	ٻ	ک	ک	ک	ھر لکڻ	نلکڻ	نلکڻ
ٻ	ٻ	ٻ	ڳ	ک	ڳ	تہ جيکر	تجيکر	تجيکر
ٽ	ٿ	ٿ	ڱ	نک	نک	خلوت ۾	خلوتيم	خلوتم
ٿ	ٽ	ٽ	ڻ	ن	ڻ			
ٺ	ٺ	ٺ	ڻون					
ڄ	ڄ	ڃ	اِين	ـِ	ـِ			
ڃ	نج	نج	آين	—	—			
ڇ	ڇ	ڇ	ھين	ھرِ	ھرِ			
ڏ	ڌ	ڏ	تہ کر	تکر	تکر			
ڌ	ڎ	ڎ	سين	س	س			
ڊ	ڊ	ڊ						
ڙ	ڙ	ڙ						
ڦ	ڦ	ڦ						
ڪ	ک	ک						

ٻولي: بيان العارفين سنڌي جو محاورو لاڙي- ڪڇي آهي، جنهن جون ڪجهہ خصوصيتون هن طرح آهن:

(١) ڪيترن "وسرڳ" آوازن بدران "اوسرڳ" آواز اچاريا ويندا آهن:

مثلاً /گهہ/ بدران /گ/، /نهہ/ بدران /ن/، /ڙهہ// بدران /ڙ/، /ڍ/ بدران /ڊ/، /جهہ/ بدران /ج/، /لهہ/ بدران /ل/؛ هيٺ بيان العارفين مان ڪجهہ نمونا ڏجن ٿا:

(الف) هيٺ سٽ ۾ وسرڳ آواز /نهہ/ بدران اوسرڳ /ن/ آيو آهي؛ ۽ /جهہ/ بدران /ج/ آيو آهي:

آهي علم افضل منج پنين جهانٿا.

(ب) هيٺين سٽ ۾ /ڙهہ/ بدران /ڙ/ آيو آهي:

آءٌ تان علم نہ نہ پڙٺو، اصلهين ابتدا.

(ج) هيٺين سٽ ۾ /گهہ/ بدران /گ/ آيو آهي:

اچي لنگٿا مون وٺان، ڪٺان گذرا.

(2) لاڙي- ڪجي محاوري ۾ /ن/ غنو بہ گهٽ استعمال ٿئي ٿو. انهيءَ ڪري "تنهنجو" بدران "تهجو"، تنهن" بدران "تہ" استعمال ٿين ٿا.

(3) ڪن لفظن جون صورتون بہ بدليل آهن. اهڙن لفظن جا ڪجهہ مثال ڏجن ٿا.

معياري	لاري	معياري	لاڙي	معياري	لاري	معياري	لاڙي
تَنهنِ	تہِ	هجن	هون	أتي	أنهين	جيئن ٿي	جيئهين
تنهنجو	تهجو	چَوان	چِٺان	اٿاري	اٿياري	هِتان	هتان
تان	تہ	چَوَنِ	خُوَنِ	لتا	الٿا	چِتان	جتان
باهر	ٻهر	ٻيءُ	ٻي	اوڏڙو	اڏڙو	هِهڙو	هٿڙو
ٻيهر	ٻيهار	جَنِ	جِنِ	تَنهنِ	تِهينِ	ڏَمہَ	ڏُمہَ
پنهنجي	پاهجي	جنهن	جه	تان جو	تاجا.	هَڪِڙو.	هيڪَڙو
دنيا	دَنِي	جيئن	جِنءُ	ٻِگل	ٻِگٿل	ٻَڪِري	ٻَڪَري
ڏينهن.	ڏينه	ڏانهن	ڏانه }	پاسيري	پاسهري	ڇوڪِرو	ڇوڪرو
سوان	سٺان		ڏونه }	ٻيس	ٻيبس	ٻهريون	ٻهرو
سچيائي	سچي	ٻوي	ٻوئي	ڏيئون	ڏيهون		ٻيرو
سان	سين	ڳهاوَ	ڳها	ڏسيرس	ڏسهوس	نائون	نوئون
ڪَنهنَ	ڪه	ياءُ	يا	رسائي	رسائي		نٿون

ڪبو	ڪنو	تَنِ	تنين	سندس	سندهس	ٻارهون	ڪارهون
ڪريو	ڪرنو	اڄن	اڄين	سُنڌي ئي	سُنڌهين	ٻارهون	ٻارو
مون	مُنِ	سٺا	سٺيان	ڪريون	ڪرهون		ٻارون
مينهن	مينه	سٺو	سٺهو	منهن	مُه	تيرهون	تيرو.
منڊنجي	مهجي	اڪينٺون	اڪرَٺون	مونٺون	مونهون		تيرون
مُجهو	هونجو.	اسان جي	اسانهنجي	مينهون	ميهيون	جوڏهون	جوڏو
هَينئر	هِنرَ	لَهي	الهي	ناٺون	نوٺو		جوڏون
				ويٺون	وجهون	ٻنڌرهون	ٻنرهون

ضمير خالص	ضمير مشترڪ	ضمير استفهام
تون > ٿن	ننهنجو > ٻانهجو، ٻاجو، ٻامجو	جو ڪو، ڪوء، ڪَه
تومين > توين	ٻنهنجي > ٻانهنجي، ٻانجي، ٻامجي	ڇا ڪڇا، ڪڇارو، ڇارو
اوهان > اوان	منهنجو > مون جو، منجو، مه جو	حرف جر
هو > اهو	تنهنجو > توجو، تون جو، تهجو	ڪنِ هنڌ: "ڪي" > ڪا
ھوء > اوء	اوهان جو > اوانجو، توانجو، اواهجو	مثلاً: توهان ڪي بدران
اهي > اوء	ڪنهنجو > ڪه جو	"توين ڪا"
مون > مَن		

زمان ماضي	زمان مضارع	ضميري پڇاڙيون
ٻيٺو > ابيٺا	ڄوان > ڄان، ڄوئان، ڄٺان	سائن > سيٺان
لاٿو > الهارٺو	ڄٺو > ڄو، ڄٺين	مون کي > ڪٺم
لٿا > الٿو	ڄٺي > ڄي	توکي > ڪٺَي
ورتو > وٺتو	ڄٺون > ڄُون	کيس > ڪٺس
وٺيو	ڄَونِ > ڄُونِ	اسان کيَ > ڪٺون
ويون > ويهون	ضمير > متصل	توهان کي > ڪٺن، ڪيٺان
ٻانيون > ٻاتو	ڪجانء > ڪِجاه، ڪِجا	توهان کي > ڪٺانِ
ويون > وهيون	نيس > نيوس	ڪانٺن > ڪٺانِ
ويس > وهيس	مون کي آهي > آهِمِ	نوٽ نشاني ">" جو مطلب
وَيو > وِئو	ٻڏوَ > ٻَڏان	آهي "بدران"
	لکيم > لکيوم	

لفظ: هن ڪتاب ۾ لاڙي- ڪڇي محاوري جا ڪجهه اهڙا لفظ بہ ملن ٿا. جيڪي عام طرح معياري محاوري ۾ استعمال ڪو نہ ٿا ٿين. انهن مان ڪجهه هيٺ ڏجن ٿا:

لفظ معني	لفظ معني	لفظ معني
اُچري = ڇلانگ ڏي، ٽپا ڏي	پرَنِ = هلن	سکهر = جلدي
ڇنڀن اوٺا = چار مٺي	ٻوء = ٻوي	سِلاني = ويکر موکر
اوڀالو = ميار	ٻهڻ = گهرڻ	ڪتاڻ = ڪتڻ
سپريائي = ڪراڙپ	جيٺو = سڄو طرف	ڪڙو = ٻتر
پوسٽي = ٻلي	پرن = ارشاد، حڪم	ڪوهر = ڪوهه
پَهون = گهٽا	رهڪ = رهائش، جاء	ڳيوراڻي = نندڻ
پٽنِ = رهن ، وتن	رَسو = رس، شوروو	ڳوهيون = ڳٺون
پوان = دانائي وارا،	جار = سنهون اٺو	ڳري = طرف
معرفت وارا	ساڪ.= رهندڙ	ڳيهون = ڪڻڪ
دلياٺون = پوکياٺون	جاڙ = جادر	لونهيون = ٻاهه جو اُلو
تان ٻي = تڏهن ئي	سج = سج	بڪ = رج
تُسين = راضي ٿي	ساهو = ساهه وجهندڙ،	نڪٺو = اڻ چاڻ، بيڪار
تماَچ = تف، ڏک	جيٺاريندڙ	وِڇني = جدائي
	سٺڪ = ڪاڏي جو ٿانءُ	وِترو = وڏيڪ
	جانڪيتا = هميشه	واء = لڙهي، هار.
	سٺيون = سَيون ڪاڏي	وبِل = ويکر
	جونْ	

حوالا

(1) محمد سومار شيخ: ڪڇين جا قول، سنڌي ادبي بورڊ. 1977ع، ص - 121.
(2) ايضاً. ص - 128.
(3) ايضاً. ص - 151-152.
(4) الله بخش عقيلي: سنڌي ڇپائيءَ جي مختصر تاريخ (مقالو)، شايع ٿيل ماهنامہ

"نئين زندگي". جولاءِ 1957ع.

(5) برٽن: سنڌ ۽ سنڌو ماٿريءَ ۾ وسندڙ قومون. سنڌي ترجمو. سنڌي ادبي بورڊ. 1971ع. ص - 80.

(6) امداد علي سرائي: قدم ڪاپڙين جا. ادارو اشاعت شاهه عبداللطيف. ڪاڇيلو ننگر. حيدرآباد. 1987ع. ص - 130.

(7) ايضاً. ص - 130-131.

(8) عبدالرسول قادري: مخدوم محمد هاشم ٺٽوي. سنڌي ادبي بورڊ. 1988ع. ص - 55.

مـاخـذ

(1) مخدوم عبدالله نرئي وارو: غزوات. بمبئي 1289هه (1872ع).

(2) = = = = = بدرالمنير

(3) = = = = = ڪنزالعبرت 1380هه (1960ع)

(4) = = = = = خلفاء الراشدين. بمبئي 1289هه (1872ع)

(5) = = = = = خزانهءِ اعظم (قلمي)

(6) = = = = = قمرالمنير

(7) عبدالرحمان ڪانڀانبي: بيان العارفين سنڌي (قلمي)

(8) محمد صديق ميمڻ: سنڌي ادبي تاريخ. ٻاگو ٻهريون. 1968ع.

(9) ڊاڪٽر عمر محمد دائودپوٽو: شاهه ڪريم بلڙيءَ واري جو ڪلام. 1937ع.

(10) ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو: سنڌيون. سنڌالاجي. 1970ع.

(11) ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي: بيان العارفين - ترتيب. مقدمو ۽ حواشي- پي ايچ ڊي لاءِ لکيل (اڻ ڇپيل).

(12) ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي: ڪريم جو ڪلام. سنڌي ادبي اڪيڊمي لاڙڪاڻو. 1976ع.

(13) ڊاڪٽر غلام علي الانا: لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ. سنڌالاجي. 1977ع.

(14) محمد سومار شيخ: بيت ورندو. 1972ع.

(15) ـــ ماهي "مهراڻ" جو "سيرت نمبر". 1980ع. مقالو: مڪي جي فتح: مخدوم عبدالله نرئي وارو. مرتب: ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي.